(سوکڙي)



سرپرست تحريڪ بزم
طالب المولىٰ سنڌ

Gul Hayat Institute

جناب محمد جمن صاحب صدر
بزم طالب المولى ڪراچي، جنهن
صاحب جمعيت الشعراءِ سنڌ جي زير سايه



Gul Hayat Institute

ڪراچي ۾ ٿيل چوڏهين ادبي ڪانفرنس
کي ڪامياب بنائڻ ۾ اهم حصو ورتو

٧٨٦

# الله توهار

لک لک ٿورا ڏيھ، ڌڻي ڏاتار جا جنھن فضل فرمائي موں ھيچمدان جي ھٿان ڪيل اعلان پٽاندڙ ھن سھڻي ادبي سوکڙيءَ کي اوھان جھڙن اھل علم حضرات جي حضور ۾ پيش ڪرڻ جو موقعو بخشيو.

بزم طالب المولي ڪراچي جو بنياد استاد الشعراء جناب حضرت الحاج الله بخش صاحب سرشار عقيلي جن پنھنجي سڳوري ھٿن سان اپريل ١٩٥٦ع ۾ رکيو ۽ تحريڪ بزم طالب المولي سنڌ جي سرپرست سائين جناب حضرت مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولي سجاده نشين درگاه شريف حضرت نوح رحه جن محترمي جناب محمد جمن صاحب ھالي کي ڪراچي بزم جو صدر ۽ بندي کي سيڪريٽري چونڊيو. اڄ اسان جي بزم کي برپا ٿئي پورا ٣٠ مھينا ٿيا آھن، انھيءَ مدت ۾ اسان جي بزم جون اٽڪل اٺيھ ادبي ڪچھريون ٿيون، جن ۾ ھڪيھ طرحي ۽ ڇھ غير طرحي مشاعرا آھن. آخر ڦند جي ٿ ۽ پر

Gul Hayat Institute

ادبي بي قدري ٿيندي جنهن صاحب ٻاهران آيل ڪلامن
تي پهرين نظر پاتي ۽ پڻ پروف ڏسڻ ۾ به پنهنجو
ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

آخر ۾ آءٌ گهڻي حب ۽ سڪ سان هي سرهي، سونهاري، سڳوري سوکڙي سنڌ جي سخن دان، سخن فهم ۽ سخن سنج سڄڻن جي خدمت ۾ پيش ڪندي اميد ٿو ڪريان ته اوهين هن سوکڙيءَ کي پنهنجن سنگتين ۽ ساٿين، دوستن ۽ شاگردن تائين پهچائڻ ۾ پوئتي نه پوندا، جو ته ائين ڪرڻ سان ئي اوهان اسان جي ڪوشش ۽ پنهنجي ڪلام جو قدر ڪري سگهو ٿا.

جيئن اسانجو فرض آهي ته سوکڙي کي هر ٽئين مهيني باقاعدگي سان شايع ڪندا رهون، تيئن ئي اسانجي قلمي معاون دوستن جو به اهو فرض آهي ته هو صاحب سوکڙيءَ کي عام تائين پهچائڻ ۾ دل گهري دلچسپي وٺن، جيئن ته سوکڙي جي اشاعت ۾ ڪا به رنڊڪ نه پوي، سڙس ته ٽڪر به ڏاڪيو چڙهين، هي ته نهايت هلڪي ۽ آسان خدمت آهي. ڏاهن سچ چيو آهي ته:

"گهڻن ڪڻين ڇپر ٿي، ڪڇيو وڃي."
"ٽاڙي هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي."

اوهان جو هم سخن ساٿي

ساجد سرشاري ۱۹۵۸-۱۰-۲۵

Gul Hayat Institute

بزم - طالب المولي ڪراچي جو ماھانو
طرحي مشاعرو ٩- آگسٽ ١٩٥٨ع جي جناب
قريشي امير بخش صاحب "امير" سرشاري جي
صدارت ھيٺ ٿي گذريو. جنھن ۾ ھيٺين
شاعرن جا ڪلام پيش ٿيا -

طرح :- "ڪھڙي پڌايو خامي منھنجي زبان ۾ آھي"

## سيد نياز علي شاه "محسن" ڪڪڙ

فصل- بھار پنھان فصل- خزان ۾ آھي
پوشيده چين دل جو سوز- نھان ۾ آھي

١- شائستگي ۽ چستي منھنجي بيان ۾ آھي
منھنجي سخن جو چرچو اھل- جھان ۾ آھي

٢- جيڪا به آ برائي سا سڀ اسان ۾ آھي
وه وه اسان جو نالو ڪون ومڪان ۾ آھي

٣- ھر شئي جھان جي اڄڪلھ، در اضطراب آھي
شايد عظيم ڦيرو اڄڪلھ جھان ۾ آھي

٤- سچ ٿو چوان تڏھن ٿو ڪوڙو لڳان و ليڪن
"ڪھڙي پڌايو خامي منھنجي زبان ۾ آھي"

٥- آھي مصيبتن ۾، جي ڪو، ته آھي "محسن"
باقي جھان سارو امن وامان ۾ آھي

## محمد جمن "هالو" ڪراچي

مشغول روز دنيا سود و زيان ۾ آهي
هي ڪشمڪش اي يارو ساري جهان ۾ آهي

١- سونکان ڪيو جنهن توکي اي يار بدگمان آ
سو رو سياه رقيب اڄ منهنجي ڏيان ۾ آهي

٢- پردن تي چاڙهي پردا پرده ۾ ره پيلي پر
ظاهر جمال تنهنجو ساري جهان ۾ آهي

٣- ظاهر جي ٿي پوي ته طوفان ٿئي ها برپا
جو راز منهنجي دل جو دلِ ناتوان ۾ آهي

٤- محفل سڄي کي شڪوه گفتار تي ڇو منهنجي
"ڪهڙي ٻڌايو خامي منهنجي زبان ۾ آهي"

٥- جنهنجي تلاش خاطر سرگردان آهي عالم
سو منهنجي دل ۾ يعني ڪون و مڪان ۾ آهي

٦- سون جيان غلام تنهنجي دنيا سڄي ٿي ٿئي
تاثير اهڙو دلبر تنهنجي بيان ۾ آهي

٧- باه برهه جي جا پڙڪي پئي دل ۾ منهنجي همدم
شعله ۾ ۽ نڪي سا برقِ تپان ۾ آهي

٨- "هالا" هزار حيلا هن سان سلڻ جا ڪيا ٿين
هنجو قصور ڪونهي خامي اسان ۾ آهي

# عبدالله "شرر" ڪراچي

دل جي رهي هميشه دلِ ناتوان ۾ آهي
دل جي سچي حقيقت اڪيل زبان ۾ آهي

١- مسرت ۽ ڪيف و راحت آهي نصيب ڪنهنکي
۽ مبتلا ٿيو ڪو آه و فغان ۾ آهي

٢- ويو رنگِ گل ۽ ويئي ڪلين جي زيب و زينت
گلشن جو رنگ ابتر دورِ خزان ۾ آهي

٣- سهڻا سوين پون ٿا صدما قدم قدم تي
ڪهڙي خوشي ميسر عمرِ روان ۾ آهي

٤- اهڙي عطا قمر کي ٿي آ ضيا نہ ٿيندي
جا حسن جي تجلي هن جانِ جان ۾ آهي

٥- چونڊي ٻہ چار ڪکڙا مس آشيان بنايم
بجلي بہ شعلہ افشان ٿي آشيان ۾ آهي

٦- سمجهي ويو رفتہ رفتہ آ رازِ دل زمانو
پر بي مهر اڃا پي خوابِ گران ۾ آهي

٧- محروم آهي دنيا ان ڪيفِ دائمي کان
پوشيده جيڪا لذت سوزِ نهان ۾ آهي

٨- آخر علاج ٿي ويو هن مرضِ لا دوا جو
ٿي ختم زندگاني غمِ جاودان ۾ آهي

٩- جنهنجي ڪري "شرر" جو دشمن ٿيو زمانو
تنهنکي نصيب راحت منهنجي زيان ۾ آهي

Gul Hayat Institute

## شير محمد "آتش" ڪراچي

اج انقلاب آيو اهڙو جهان ۾ آهي
جو بد گمان نه آهي، سو ٻي گمان ۾ آهي

۱- دير و حرم ۾ واعظ جنهن لاءِ تون رلين ٿو
حاصل سو نڪي ٿيو سو عشقِ بتان ۾ آهي

۲- اي برق! تنهنجون نظرون آهن اڃا به مون تي
ظالم ڇڏ پوئي ڇا تو هن آشيان ۾ آهي

۳- وه وه نه ڪو ڪري ٿو ڪو داد ٻي نه ڏي ٿو
ڪهڙي پڌايو خامي منهنجي زبان ۾ آهي

۴- ساغر شراب شيشو ڪيف و نشاط و مستي
آهي اگر ته چشمِ پيرِ مغان ۾ آهي

۵- آتش ڪو دل جليوئه هن جي ڪندو وضاحت
ڪهڙو سڪون و راحت سوزِ نهان ۾ آهي

## حاجي محمد موسيٰ "مشڪور" ٺٽو

شامل اڌر ٿيهن سان ظاهر زمان ۾ آهي
ڪهڙي پڌايو خامي منهنجي زبان ۾ آهي

۱- روحل، سچل ۽ سامي، بيدل، بلا، عنايت
پولي هنن ڪري ٿي امن و امان ۾ آهي

۲- مذڪور هي حقيقت "مشڪور" جي ٿي روشن
عاجز سند و اشارو هر ڪنهن جي ڌيان ۾ آهي

Gul Hayat Institute

## تاج محمد "تاج" بلوچ ڪراچي

پهرين جڏهن ڪان مستي هن باغبان ۾ آهي
سائي رهي نہ مڪڙي ڪا گلستان ۾ آهي

١- برق و شرر جي شعلن گهيرو ڪيو چمن کي
آتش ضرور لڳندي اڄ آشيان ۾ آهي

٢- ڪهڙي سبب اي ساقي مونکي نٿو چکائين؟
ڪهڙي پڏاءِ خامي منهنجي زبان ۾ آهي؟!

٣- ناصح نصيحتن کي تنهنجي آهو نہ مڃيندو
گذري چمار جنهنجي عشق- بتان آهي

٤- گهنجي نہ تشنگي ٿي نہ جام ٿو عطا ٿئي
ساقي اوهانجو ميڪش هردم زيان ۾ آهي

٥- مونکي نظر اچي ٿو شيشي ۾ عڪس تنهنجو
منهنجو انهيءَ لڳي ساغر ساڻي جهان ۾ آهي

٦- ڪنهن کي مٿان پڏائين تون "تاج" غم جو قصو
پنهان نہ راز رهندو دل- رازدان ۾ آهي

## محمد سومار "سيلاني" جهرڪائي

دل جي پڪار هردم ڪون و مڪان ۾ آهي
تعريف عشق- حضرت منهنجي بيان ۾ آهي

١- منهنجي زبان لا الله الا الله چئي ٿي
سائي ثنا ڪري ٿي جيڪا قرآن ۾ آهي

٢- سيڪجهہ "سيلاني" سمجهي پڪو ڪيو سبق کي
ڪهڙي الا جي غلطي منهنجي بيان ۾ آهي

## محمد علي "ظفر" هالائي حال ڪراچي

زنده رهڻ ٿيو مشڪل يارب جهان ۾ آهي
رشوت فريب چوري دور- زمان ۾ آهي

١- گهائل ڪيو آدلبر جنهن چشم- نيم ڪش سان
اهڙو اثر نہ ڪنهنجي تير و ڪمان ۾ آهي

٢- ڇا ٿو ڏسين اي زاهد احڪام- شرح کي تون
لطف- شباب و مستي رندي جهان ۾ آهي

٣- ياس- ڪمال- غم- منزل انهي تي آندو
حاصل نہ سک "ظفر" کي ٿيو هن جهان ۾ آهي

## الحاج عبدالواحد صاحب شاه زوار سکر

انگلينڊ ۾ رکي ٿي پنهنجا فدائي سنڌي
عرب و عجم ۾ ڪئي آنغمہ سرائي سنڌي
فارس فدا آ جنهن تان هي آهي سائي سنڌي
دنيا ۾ پنهنجي هستي آهي مڃائي سنڌي

هي چاشني ملاحت سنڌي زبان ۾ آهي

سائين سدا سڪيو رک تن منهنجي پيرن کي
پلڪن ۾ پينگهہ پائي لوريون جي ڏين ٻچن کي
ٻيتن ۾ دل ليائي ويٺيون جهڳن لبن کي
قربان گهرءِ ور، لئي ڪن ٿيون، سي جان وتن کي

هي پاڪبازي جو گڻ خاڪ- وطن ۾ آهي

## محمد يوسف "خاموش" عباسي ٺهٽوي

تحرير ۾ فصاحت جادو بيان ۾ آهي
"ڪهڙي پڙايو خاص منهنجي زبان ۾ آهي"

١- خاڪ- وطن جي عزت عظمت ۽ ولولو ڏس
بيداري هر قبيلي هر خاندان ۾ آهي

٢- اي هموطن اسانجي عبرت جو وقت آهي
ايثار جي ضرورت پير و جوان ۾ آهي

٣- ساري زبان معطر بيان- لطيف سان ٿي
سرمست جو ترنم هر داستان ۾ آهي

٤- بيدل جا بيت آهن بلبل جون باتيون ڇن
بيڪس جو سوز پنهان برق- تپان ۾ آهي

٥- "خاموش" خواه مخواه تون ويٺين زبان وڃائي
ورنه اثر بلا جو تنهنجي فغان ۾ آهي

## شير محمد "زخمي" سلطانپوري روهڙي

منهنجي وطن جو نغمو منهنجي زبان ۾ آهي
آواز جنهنجو پکڙيل ساري جهان ۾ آهي

١- پورا نٿو ڪرين تون وعدا جهان ۾ ليڪن
آهي گلا زبان جي خامي اسان ۾ آهي

٢- آه و فغان ڪيان "زخمي" جيرو جگر جهجي ٿو
اهڙو اثر نگه جي تير و ڪمان ۾ آهي

Gul Hayat Institute

## غلام محمد "مسرور" شاهپور چاڪر

باغ - زبان سنڌي خندان جهان ۾ آهي
زينت آنهي جي اعليٰ بيحد زمان ۾ آهي

١. پنهنجو ادب لغت آ جنهنکي لطيف، باقي
"کهڙي پڌايو خاصي منهنجي زبان ۾ آهي"

٢. ممتاز تو زبان کي دهر- ادب ۾ سمجهان
نام و نشان زبان جو برتر جهان ۾ آهي

٣. پنهنجي وطن جي خدمت دل جان سان ڪنداسون
هي ولولو تڙپ اڄ هرهڪ جوان ۾ آهي

٤. آٽ ڪشتي- زبان ڪئي "مسرور" طرف- ساحل
همت اڳيان نه طاقت سوچ- روان ۾ آهي

## غوث محمد "عمدل" ڏڙي جکري ڳڙهي ياسين

منهنجو بيان- الفت اڄ آهي پورو ٽيٽو
بس بره باب باقي منهنجي بيان ۾ آهي

١- ساقي سنڌي ڏي مون کي تون جام زندگي جو
اصلاح ڪري تون ڇڏ جا منهنجي ڌيان ۾ آهي

٢- سوالي سچو سواءِ هئي ڏرنه دل گهري تي
اميد جي نظر اڄ "عمدل" اوهان ۾ آهي

Gul Hayat Institute

## محمد هاشم "لهر" ڪيڙوي

مشهور ملڪ منهنجو ساري جهان ۾ آهي
ناموس ملڪ منهنجو ساري جهان ۾ آهي
ناموس جنهنجي لاشڪ ڪون و مڪان ۾ آهي

١- واپار ڇا هنر ڇا تهذيب ڇا تمدن
علم و ادب ڏانهن رغبت پير و جوان ۾ آهي

٢- ساراه سنڌ سنڌي آيو هتي سڪندر
اڪبر به ٿيو آ پيدا هن آستان ۾ آهي

٣- دودو دلير هت هو هڪڙو ٻي مت سون جو
اهڙي بهادري اڄ ڪنهن پهلوان ۾ آهي؟

٤- شيرين گفتگو ۾ صورتخطي به سولي
"کهڙي پڌايو خامي منهنجي زبان ۾ آهي

٥- رهندو اي لهر قائم هي ملڪ منهنجو تيسين
جيسين سهائي سج جي ڪا آسمان ۾ آهي

## الحاج شفيع محمد "مومن" ملبرائي

آهي آها بلاشڪ ٿي جان کان پياري
مادر مٺي جي لولي مٺڙي زبان ۾ آهي

١- دشمن اسانجا آخر ٿيندا ذليل و رسوا
اهڙو اثر سمايل منهنجي فغان ۾ آهي

٢- منهنجو وطن پيارو آشان مان وارو
منهنجو وطن پلارو ساري جهان ۾ آهي

٣- پاڏائي زور و طب تو "مومن" پيو ڌر ڌٽي جي
پهتو هي عرض آخر اڄ آسمان ۾ آهي

Gul Hayat Institute

## مولوي نبي بخش "نحيف" زرداري دادو

گردش خلاف منهنجي دور۔ زمان ۾ آهي
هر وار وار منهنجو جنهنکان فغان ۾ آهي

١- ڇا ڪان ٿيو هي نالئہ شبگير نارسا آ
"ڪهڙي پڙايو خامي منهنجي زبان ۾ آهي"

٢- ڪوئي به حال پرسان غمگين جو نہ آهي
مجبور شيفتہ دلم درد۔ نهان ۾ آهي

٣- قرآن جي اهائي عزت رهي ٿي باقي
ويڙهيل اگرچہ پوتي، نفرت دهان ۾ آهي

## رحيم بخش "رجائي" رڪ

تنهنجي ثنا الاهي ساري قرآن ۾ آهي
تعريف جي نہ طاقت منهنجي زبان ۾ آهي

١- هن زندگي ۾ يارب آئون پسان مد ينو
آميد بس اهائي دل۔ ناتوان ۾ آهي

٢- بي عيب آهي بيشڪ سنڌي زبان سگهوري
"ڪهڙي پڙايو خامي منهنجي زبان ۾ آهي"

٣- ڦاڻي "رجائي" دنيا تهذيب۔ مغربي ۾
ڪو عيش ۾ مگن ڪو آه و فغان ۾ آهي

## سيد عبدالله شاه صاحب "عبد" دبيروي (روهڙي)

سنڌي سندي سڃاڻپ ساري جهان ۾ آهي
سنڌي جي "عبد" الفت پير و جوان ۾ آهي
سنڌي اصيل پولين جي خاندان ۾ آهي
ڪيئن ٿا چئو تہ خامي منهنجي زبان ۾ آهي

Gul Hayat Institute

بزم - طالب المولي كراچي جو ماهانو طرحي مشاعرو ١٣ - سيپٽمبر ١٩٥٨ع جي جناب مير شفيع محمد صاحب "اوج" علوي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو، جنهن ۾ هيٺين شاعرن پنهنجا ڪلام پيش ڪيا.

طرح :- "ٻولي لطيف، بيت لطيف ۽ بيان لطيف"

## سيد نيازعلي شاهه "محسن" ڪکڙ

آهي لطيف، لطف جو سائين چوان لطيف!
شيرين شعر هن جا سراسر زبان لطيف

١- سيد لـــطيف گهوٽ پيءُ ٿي لطيف آ
الله ۽ نبي جو پيارو، ميان لطيف

٢- غواص لاجواب هي ليڙن سندو لطيف
گوهر ڪڍي ٿو بحر تعشق منجهان لطيف

٣- جنهنجو لطيف اسم سو هوندو نه ڪئن لطيف
هر ڳالهه لطف وارو سندس خاندان لطيف

٤- سون تي به ٿئي نگاهه ڪرم گهوٽ پٽ ڏٽي،
مان پڻ ته آهيان هڪڙو غلامن منجهان، لطيف!

٥- "محسن ثنا لطيف جي ڪهڙي ڪري جڏهن
ٻولي لطيف، بيت لطيف ۽ بيان لطيف

## حافظ محمد احسن "احسن" چنا دادو

### ٻولي لطيف، ٻيت لطيف ۽ ٻيان لطيف
### نڪتا لطيف، شعر لطيف ۽ زبان لطيف

١- غواص بحر علم و ادب جو جوان لطيف
ملڪ سخن جو شاهه ۽ گوهر فشان لطيف

٢- عرفان حق آهي حقيقت جو آشنا
رمزون ۽ راز حق، ڪيا سڀ عيان لطيف

٣- صوفي، ولي، عشق حقيقي ۾ مستغرق
۽ طالبان حق جو پير مغان لطيف

٤- پيغمبر سخن ۽ وطن لاءِ ناز آهه
علم و ادب جي جسم جو گويا هو جان لطيف

٥- فياض، خوب فيض رسان خاص و عام ڪي
تشنه دهن ڪي ڏني تو مئي ارغوان لطيف

٦- شارح ڪلام حق، مفسر ۽ رازدان
فطرت نگار، شاعر شيرين لسان لطيف

٧- سنڌي زبان جنهن جي طفيلي رهي حيات
جاويد يادگار رهي داستان لطيف

٨- حب وطن مان شاهه جي پرپور دل هئي
بستان معرفت جو ٿيو باغبان لطيف

٩- "احسن" سنڌس آ نام زبان عوام تي
مرتا اڳي جو مئو سو رهي جاودان لطيف

Gul Hayat Institute

## محمد علي ظفر هالائي "حال" ڪراچي

١- خوشبوءِ گل تي جيئن رکي خود ۾ جان لطيف
علم و ادب ۾ تيئن تي جڳائي زبان لطيف

٢- وسندي چڏي پٺن ۾ ڪيو آستان لطيف
بيشڪ ته راز- حق جو هيو رازدان لطيف

٣- ڪهڙو نه آهي سنڌي ادب جو جهان لطيف
"ٻولي لطيف بيت لطيف ۽ بيان لطيف"

٤- سرتاج، ملڪ- سنڌ جو مرد- جوان لطيف
اهل- قلم لطيف ۽ اهل- زبان لطيف

٥- سر ڪئي سبيل عشق ظرافت سان جنهن ظفر
سو نڪته سنج، نغمه سرا نغمه خوان لطيف

## سيد غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضيٰ" ڏاڏاهي جهڏو

سرتاج شاعرن جو هيو بي گمان لطيف
بيشڪ عڪاس عشق جو ۽ ترجمان لطيف

١- جنهن جي ڪلام مان ٿو ملي درس- بيخودي
سو صاحب- ڪمال هيو نڪته دان لطيف

٢- بي عيب، باجمال، بلاشڪ ٿيا بي مثال
ٻولي لطيف، بيت لطيف ۽ بيان لطيف

٣- سنڌي ادب، ثقافت و تهذيب زنده آ
قائم ڪلام سان ڪئي سنڌي زبان لطيف

٤- سيد ڪي ساري سنڌ سچي چو نه "مرتضيٰ"
سنڌي ادب تي سچ ته هيو مهربان لطيف

Gul Hayat Institute

## قريشي بدرالدين "بدر" سرشاري ڪراچي

١- درد - نهان لطيف ۽ آه و فغان لطيف
گفتہ زبان لطيف ۽ طرز بيان لطيف

٢- قائم لطيف شاه جي رهندي جي رهبري
ڏ سندو اچان ٻہ سنڌ جو پيرو جوان لطيف

٣- رهندي سدا بهار گلستان - سنڌ
جيسين سندم چمن جو رهيو باغبان لطيف

٤- هرگز نہ خوف ڪر جي ڪري ڪوبہ دشمني
لاريب تنهنجي ملڪ جو آ پاسبان لطيف

٥- آهي لطيفي لطف سان اڄ پي عيان "بدر"
ٻولي لطيف، بيت لطيف ۽ بيان لطيف

## غوث محمد "غمدل" جکرو گڙهي ياسين

١
ٻولي لطيف، لات لطيف ۽ لسان لطيف
"ٻولي لطيف، بيت لطيف ۽ بيان لطيف"

١- پربل نصيحتن سان رسالـو آ شاه جو
لهجو لطيف، طرز لطيف ۽ زبان لطيف

٢- اي پٽ ڏٺي آ ٿي ويٺي تنهنجي ٿي فيض سان
پٽ جي زمين لطيف سندس آسمان لطيف

٣- "غمدل" وسي ٿو پٽ تي ابر- ڪرم سدا
پاپان ٿو ان ڪري ٿي ٿيو هي جهان لطيف

Gul Hayat Institute

# احمد خان "آصف" ڪکڙائي

سرَتاج شاعران ۽ شه صوفيان لطيف
درويش ۽ بزرگ وڏو درجهان لطيف

١- ساقي - حوض - ڪوثر و پير مغان لطيف
توحيد جو ڏئي تو شراب ارغوان لطيف

٢- آهي ڪتاب - شاهه جو، هر داستان لطيف
ٻولي لطيف - بيت لطيف ۽ بيان لطيف

٣- هر لطف ۽ لذيذ ۽ شيرين شعر آهه
شيرين دهن هو شاعر - شيرين زبان لطيف

٤- آهي ڪلام - شاه، ڪلام - خدا جو شرح
قرآن پيش تو ڪري تفسير سان لطيف

٥- جهڙو لطيف نام سعيد آهي "آصفا"
تهڙوئي لطف وارو ٿيو مهربان لطيف

## سومرو رحيم بخش "رجائي" (رڪ)

١- شهد و شڪر ڪان وڌ ٿيو شيرين زبان لطيف
ٻولي لطيف، بيت لطيف ۽ بيان لطيف

٢- تعريف تون ڀلا ءِ ته ڪنهنجي ڪري ڪريان
گل ئي لطيف ناهي سچو گلستان لطيف

٣- رکي م، اي شاه - شاعران! نزد - شڪار پور
هڪ آ "رجائي" تنهنجي غلامن منجهان لطيف

Gul Hayat Institute

## خاوند بخش "ساقي سرشاري" لکي

١- نڪو تنهن جو ثاني نہ همسر لطيف
سخن جي دنيا ۾ تون برتر لطيف

٢- شمع جي ضيا کان، ضيا شش جهان
اڪيچار پروانا تو در لطيف

٣- نهاري نڪو آهي "ساقي" مدام
خدا را ڏيو هاڻ ساغر لطيف

## عباسي محمد يوسف "خاموش" ٺٽوي

١- اڄ زبان تنهن جيءَ ۾ تنهنجي گلفشاني ٿو ڏسان
آبشارن جو ترنم ۽ رواني ٿو ڏسان

بيت تنهنجا آيتون جڻ آسماني ٿو ڏسان
موج ۾ اڄ سنڌ ساوڻ جي سهاني ٿو ڏسان

ياد ماضيءَ جا نشان نئين سر نمايان ٿي پيا
زندگيءَ جا ورق اڄ پيهر پريشان ٿي پيا

٢- شاعران - سنڌ جا سرتاج ۽ پير - مغان
گلستان - شعر جا بهتر کان بهتر باغبان
تنهنجو فن تنهنجو ڪمال - شعر زنده جاودان
گهوريون ٿا گل عقيدت جا سوين تنهنجي مٿان

تنهنجي بيتن ۾ سدا مدهوش رهڻو پيو لطيف
تنهنجي ئي فن کي ڏسي خاموش رهڻو پيو لطيف

بزم- طالب المولي ڪراچي جو ماهانو طرحي مشاعرو- آڪٽومبر ١٩٥٨ جي جناب محمد جمن صاحب "هالي" جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. جنهن ۾ هيٺين شاعرن جا ڪلام پيش ڪيا.

طرح :- "نوان نغما نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو."

## محمد جمن "هالو" ڪراچي

ڪري دربان در پنهنجي سڏائيندين ته ڇا ٿيندو
مٺا! مشتاق کي مهڙو ڀسائيندين ته ڇا ٿيندو

١- هزارين سون ڏنا ڦيرا اوهانجي دراچي دلبر
پيارا پير گهر منهنجي جي پائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- اکين سان جي مليون اکيون ته ٿيندو مونکي ڇا حاصل
مٺا محبوب دل دل سان ملائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- وسارڻ وڃ نه آ منهنجو وساريان ڪيئن ڀلا توکي
بهانا جي ڪري مونکي ڀلائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- اگر آئي نه تون سهندين، ته رهندي ڇا ڀلا الفت
اسانجو حال هر هٽ جي پڇائيندين ته ڇا ٿيندو

٥- ٻين سان روح رهاڻيون ٻيو ٻلي ڪراي سجڻ سائين
اسان کان تون قدم پنهنجا ڇمائيندين ته ڇا ٿيندو

٦- پراڻا بيت سڀ ٻلجي فقط "هالي" جا، اي همدم!
"نوان نغمانون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو

# محمد حسين "پروانو" مليرائي ٽلبو محمد خان

خدايا ماھرو مون سان ملائيندين ته ڇا ٿيندو
عرب جي تاجور جي در گھرائيندين ته ڇا ٿيندو

١- سراپا غرق يا رب بحر- عصيان ۾ ٿيس، ھر جي
وٺي ھٿ ڪان ڪناري سان لڳائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- وڇوڙي ۾ وره ويڙا، وصل جي لاءِ واجھايم
مدامي مينهن ميلي جا وسائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- حيات- جاودان سمجھان مديني ۾ مرڻ پنھنجو
اھا جي آس عاجز جي پڄائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- صفت سردار جي روشن ڪري جيئن قلب مؤمن جو
پلا تيئن پال پوري تي پلائيندين ته ڇا ٿيندو

٥- سڪايل کي سڏي سرور، دل آرا دوست داور جي
مديني جون گھٽيون، گلشن گھمائيندين ته ڇا ٿيندو

٦- محبت رک سچي من ۾ مٺي محبوب جي ورنه
اجائي لاف سان ياري لڄائيندين ته ڇا ٿيندو

٧- دو روزه دھر جي حرص و ھوا ۾ مبتلا ٿي، جي
نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو

٨- شفاعت شان تنھنجو تون ڪرين ڪا مھر عاصي تي
اھا جي التجا منھنجي اگھائيندين ته ڇا ٿيندو

٩- پياري آب الفت جو، نشو ڏيئي محبت جو
ثنا گو تون صنم پنھنجو سڏائيندين ته ڇا ٿيندو

١٠- رسالت جي شمع جو تون جڏھن ٿيو آھين "پروانو"
ته سھٽي لاءِ سر پنھنجو ڪپائيندين ته ڇا ٿيندو

# عبدالله "شرر" ڪراچي

غم و آلام ڪان موکي ڇڏائيند ين ته ڇا ٿيندو
الاهي! بخت بگڙيل کي بنائيندين ته ڇا ٿيندو

١- ذرا وک کي وڌائي وڃ، مٿي آرام گاهن کان
نه رهزن کان هراسان ٿي نه ڊڄ هر هيچ راهن کان
نه آهي راهرو منزل پري تنهنجي نگاهن کان
قدم ٻيڙي اڃا اڳتي وڌائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- نه آهي ذڪر مجنون ۽ ڇڏي ويو دشت ديوانو
نه آهي شمع روشن ۽ جلي ٿيو خاڪ پروانو
پراڻو ٿي ويو شاعر گل و بلبل جو افسانو
"نوان نغما نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٣- ڪري امداد زير آسمان، اڄ ڪير ٿو ڪنهنجي
زمانه ۾ ٻڌي آه و فغان، اڄ ڪير ٿو ڪنهنجي
تو سمجهايو، مگر سمجهي زبان اڄ ڪير ٿو ڪنهنجي
جهان کي درد دل پنهنجو ٻڌائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- دل حسرت زده کي آ ذرا آرام جي خواهش
اسير غم کي آهي اڄ فقط هڪ جام جي خواهش
نه ٿيندي ڇا ڪڏهه پوري دل ناڪام جي خواهش
"شرر" جو عرض اي ساقي اگهائيندين ته ڇا ٿيندو

# حسين بخش "خادم" سروري هالا

ڀلا ڀي درد سان دلڙي لڳائيندين ته ڇا ٿيندو
انهيءَ لئي عمر پنهنجي تون وڃائيندين ڇا ٿيندو

١- مريض - عشق کي جيڪري ستائيندين ته ڇا ٿيندو
مٿي کان ڀو اگهم تي ڀير پائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- اسانجي درد جي توکي خبر اوڀي خبر ڪهڙي
نه آئين تون، ۽ گهر وڻي جي پائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- اسانجي دل ته تون دلبر ته تون آهين مگر مونکان
کٺي پنهنجو مٺا مهڙو مٽائيندين ته ڇا ٿيندو

۴- اسانجي لئي دلو ڀڪتاروئي ڪافي آهي، تون جي
"نوان نغمان نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

۵- نه زر آهي، فقط منهنجي محبت پاڪ کي ڏس تون
انهيءَ هوندي به لئون مونسان نه لائيندين ته ڇا ٿيندو

٦- وڪوڙي ورهه جي ول وئي، ڪڍيا پٽ گوندرن گلڙا
تون هاڻي هجر جي غم کي هٽائيندين ته ڇا ٿيندو

٧- شريڪ - غم نه ٿئن مٺا! زباني يار، هاڻي تون
جي پائيندين ته ڇا ٿيندو، نه پائيندين ته ڇا ٿيندو

٨- نه جيڪري قدر تو منهنجو ڪيو باقي مرڻ کان پو
ڀڃي جي قبر تي ڳوڙها وهائيندين ته ڇا ٿيندو

٩- مرڻ جو وقت آئي "خادم" تون مر جيڪري محبت ۾
ڀلا تون نفس جي لئي مر ڪٽائيندين ته ڇا ٿيندو

## احمد خان "اختر" ٽنڊو محمد خان

حياتي حرص ۾ ويهي وڃائيندين، ته ڇا ٿيندو!
نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين، ته ڇا ٿيندو!

١- هي مايا، مال ۽ دولت، ٿيا سڀئي سنديئي دشمن!
اجايو جي هوس ڪي، تون وڌائيندين، ته ڇا ٿيندو!
٢- اڏاوت اڏ ادا اڳ لئي! تي دنيا مَزرَعُ الاٰخِر
هتي تون محل ۽ ماڙيون اَڏائيندين ته ڇا ٿيندو!
٣- نه ڏس ڪوسي تڏي، هلندوئي هل! منزل اٿئي ويجهي
مگر ٿي وسيلو، جي پهه پڇائيندين، ته ڇا ٿيندو!
٤- ملاقي موت سان ٿيڻٺون اٿئي "اختر"! نه غفلت ڪر
وڃائي وقت، پوءِ تون پاند پائيندين ته ڇا ٿيندو!

## محمد سومار "سيلاني" جهرڪائي

١- رضا سان روح سنهنجي کي ريجهائيندين ته ڇا ٿيندو
اي نرمل! نيهن جو ناتو نڀائيندين ته ڇا ٿيندو
٢- رهان تنهنجي ئي محفل لئي آداسي روز شب تو مان
نئين سر ساز سان نغما پڏائيندين ته ڇا ٿيندو
٣- سِتا سر ساز صحبت جا ڪٺي ميدان - الفت ۾
نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو
٤- نيون راتيون نيون باتيون نئين منجهه رنگ جي آهن
نئين ڪا نيهن جي نوبت وڄائيندين ته ڇا ٿيندو
٥- سڄي منهنجي صدائن کي پيارا پيار پنهنجي مان
سچڻ سهڻا "سيلاني" کي گهرائيندين ته ڇا ٿيندو

Gul Hayat Institute

## مولانا عبدالرحمان ضيائي مرحوم ماڻيلو

١- سچڻ منهنجي اڱڻ جي پير پائيندين ته ڇا ٿيندو
اچي قربڻ ولهي جا تڙ وسائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- محبت مهر سان مون ڏانهن مائل ٿي تون هڪ ويلي
سدائين سور سختي سان ستائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- جناب طالب المولىٰ! ڪيل معروض منهنجي ڪي
عنايت جي اجابت سان اگهائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- نه ڪنهن افسون منتر سان ستمگر سر نمائيندو
"نوان نغما نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٥- حياتي ۾ نه ٿي تنهنجي ملڻ جي آرزو پوري
"ضيائي" جي جنازي تي پلا ايندين ته ڇا ٿيندو

## سومرو رحيم بخش "رجائي" رڪ

قدم قربڻ جي مون ڏانهن تون وڌائيندين ته ڇا ٿيندو
محبت جو اهو ناتو نڀائيندين ته ڇا ٿيندو

١- جدائي ۾ تنهنجي جاني جيڪي جنجال ٿيو مون لئي
تون مونکي سوز فرقت ۾ ستائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- صنم! تنهنجي مسيحائي جي شهرت آهي دنيا ۾
جي زخم دل تي تون مرهم لڳائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- ڪهان تو پيو گليون تنهنجون صبح ۽ شام اي سهڻا!
هميشه ائين "رجائي" کي رلائيندين ته ڇا ٿيندو

Gul Hayat Institute

# مولانا محمد عثمان "پروانو" ڏڙو

زماني وعظ اي واعظ! ٻڌائيندين ته ڇا ٿيندو
ڳلين تان لڙڪ ڳاڙهين سان وهائيندين ته ڇا ٿيندو

١- صفا سينو نه ڪيئي ڪان، سدا خوش خود پسندي ۾
بظاهر شڪل موسيٰ جي بڻائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- نمازون پڙهه، پلي پنج پڙهه، مگر معراج ڪر حاصل
ڏني سجدا فقط گوڏا گسائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- نه دل ۾ سوز پيدا ٿيو، نه حالت وجد ۾ آئي
"نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٤- لقب القاب دنيا جا اٿئي بيسود "پروانا"
سخن جي ڊوم بزمن ۾ مچائيندين ته ڇا ٿيندو

## محمد عالم سومرو "شور" خانپوري

ترانو طرب جو وسريل ٻڌائيندين ته ڇا ٿيندو
ڪري محبوب کي منٿون مڃائيندين ته ڇا ٿيندو

١- عجب آهي! ! غلط فهمي ۾ ويا الفاظ ڪي نڪري
انهن کي ڪين دل ۾ سخت پڇائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- جواني جي مزي جو وقت جيڪو هو ويو، هاڻي
"نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٣- نه آهي فڪر ڪر تنهنجو ويو آ وقت غفلت ۾
تون ٿيڏي چال کي پنهنجي مٽائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- محبت ۾ نياڻي آ ڏکيو ڏاڍو ڏکيو ڏاڍو
مگر تون "شور" پنهنجي سان نڀائيندين ته ڇا ٿيندو

## خاوند بخش "ساقي" سرشاري ٹل

١- حجازي لئي ڇڏي نادان! ٻنا سر تار محفل ۾
"نوان نغما نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٢- هٿين تو پير پنهنجي تي ڪهاڙو سمجهه ڪر غافل
سٽايل ڪي وري هر هر سٽائيندي ته ڇا ٿيندو

٣- وڃڻ وارا ويا نڪري، ڪف- حسرت مليندو ره
اڃان پڻ وقت غفلت ۾ وڃائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- اڃ هاڻي ته گڏ ماتم ڪريون ڪو پنهنجي حالت تي
اڪيلو سر مٿان واري وسائيندين ته ڇا ٿيندو

٥- نه آ "ساقي"، نه ميخانو، نڪا مينا، نڪو ساغر! !
هنن ري شيخ! رندن کي سڏائيندين ته ڇا ٿيندو

## محمد عمر (معمور) هاڻ "خالد" يوسفاڻي

١- وطن لئي هموطن گر وڪ وڏائيندين ته ڇا ٿيندو؟
وطن جو بار، پنهنجي سر تي چائيندين ته ڇا ٿيندو؟

٢- ڏيئي دوکو سوين پيرا رلائي ڪاروان پنهنجو!
ڪٿي هڪ پيرو سو منزل رسائيندين ته ڇا ٿيندو؟

٣- زبان- غير کي جنهن جاءِ تي آهي رسايو تو!
زبان پنهنجيءَ کي ان درجي رسائيندين ته ڇا ٿيندو؟

٤- زبان جي حفظ جا ۽ ملڪ جي طرز- ترقيءَ جا
نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو؟

٥- "رهن سنڌي زبان ۽ ملڪ زنده باد" اي مولا!
صدا "معمور" جي هيءَ هڪ اگهائيندين ! ته ڇا ٿيندو؟

Gul Hayat Institute

# "ساجد سرشاري"

١- سچن جو ساھ سختيءَ سان سڪائيندين ته ڇا ٿيندو
ڀلا رن پر جھلن تي پڻ بچائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- ڪتاب- ظلم جو اي محتسب ھڪ باب اڃان وڌندو
جي تيغ - ظلم رندن تي ھلائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- عمل جي پير تي ڏنگو ھٽي ھوءِ تون دعويٰ ڪر
ڇڙا جي وات جا واڇٽ وڃائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- نه سگھ جو ساھ پنھن، اي باغبان سنھري تي جا بلبل
آنھيءَ ڪي باغ مان توڙون تڙائيندين ته ڇا ٿيندو

٥- ڇيو ھڪ رند تي پئي ڪي ڏسي مٿي خاني جو دربند
ڏيئي تون پنھنجو سر ھي در پٽائيندين ته ڇا ٿيندو

٦- وڏين تو اڳ تي يا پٽ تي ھٽين تو، جا ڇبو ھنگي
پٽڙ ڪان پاٽ ڪي پھرئين پڏائيندين ته ڇا ٿيندو

٧- مري مو مار شل لاھڻ جو آيو تنھنجي ليڪن ڪي
ڪو پھه ڪر، پاٽ ڪيءَ پاڙھي ڏنگائيندين ته ڇا ٿيندو

٨- ڇڪڻ جي چاھين تو تون ڇڪ، عمل جي چاش اي "ساجد" !
فقط جي وات جو حلوو ڏي ڪائيندين ته ڇا ٿيندو

---

درستي :- صفحي ڇھين تي جناب محمد جمن صاحب ھالي جي مقطع جي پھرين مصرع ھيئن سڌاري پڙھندا.

"ھالا ھزار حيلا ھن سان ملڻ جا ڪياسين"

Gul Hayat Institute

## سيد غلام مرتضيٰ شاه "مرتضيٰ" ڏاڏاهي

سڪايل کي وري سهڻا سڪائيندين ته ڇا ٿيندو
جدائي ۾ جلايو آ جلائيندين ته ڇا ٿيندو

١- مٺا من ۾ جا منهنجي بره جي تون باه وئين ٻاري
اجهي ان آگ کي آخر اجهائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- ستم سهڻن سندا، سهڻا! سوين مون اڳ سٺا آهن
ستايل کي ستمگر جي ستائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- صنم! تنهنجو ترنم آ دوا هن درد- دل جي لئي
"نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٤- مٺا جاني ملڻ جي مهرباني "مرتضيٰ" تي ڪر
نماڻو عرض عاجز جو اگهائيندين ته ڇا ٿيندو

## تاج محمد "تاج" ڪراچي

فسانو درد جو غم جو ٻڌائيندين ته ڇا ٿيندو
جهان کي رازدان پنهنجو بنائيندين ته ڇا ٿيندو

١- ڪيو اج چشم- تر آهي عيان ساري حقيقت کي
اگر تون راز- دل ڪنهن کان لڪائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- نه آهي سوز سيني ۾ نڪا آواز ۾ لذت
"نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٣- ڇڏيندا ڪين ڪي اي محتسب مئي نوش مئي نوشي
تون زندن کي جي ميخانه ڇڏائيندين ته ڇا ٿيندو

٤- لڳي وعده شڪن جي "تاج" تون ڪوڙن دلاسن تي
اڃا يو ننڊ نيڻن جي ڦٽائيندين ته ڇا ٿيندو

Gul Hayat Institute

## غازي الدين ”نشتر“ خيرپور ناٿن شاهہ

١- نہ آ داڻو، نڪو پاڻي، نڪا موسم ئي آ بهتر
سڪيءَ ۾ بي سبب تون هر هلائيندين تہ ڇا ٿيندو
٢- وطن جي لئي تون ٿي سينہ سپر ۽ سر ڪي ڪر صدقي
اگر اولاد، زر، ملڪيت لٽائيندين تہ ڇا ٿيندو!
٣- نہ جنهن تنهنجي ڪئي عزت ۽ تنهنجي ئي ملڪ جي عزت
سندس منهنڪي منئيءَ سان جي مٽائيندين تہ ڇا ٿيندو!
٤- سچي جا ڳالهہ آهي روبرو چئو دوست دشمن کي
سندن جي ها ۾ هائو، تون ملائيندين تہ ڇا ٿيندو!
٥- بنائي جسم پٿر جهڙو، لڳي جي گرز پرزا ٿئي
عدو جي تيرو ”نشتر“ کان گسائيندين تہ ڇا ٿيندو!

## الحاج عبدالواحد ”شاد“ زوار سکر

١- ڇريا ڏيدن نماڻن سان واجهائيندين تہ ڇا ٿيندو
ڏکيو ظالم آهي اکيان پاڏائيندين تہ ڇا ٿيندو
٢- ڇوان تو کي سياڻا سمجهہ ھي کهنو مرض ٿيو اهڙو
اِها جنڊڙي ديوانو ٿي رلائيندين تہ ڇا ٿيندو
٣- سوين سورن جي سامانن تي پرمي دل منهنجي هاڻي
ويهي پيا ۾ ڏکيا غمڙا جاڳائيندين تہ ڇا ٿيندو
٤- خدايا! شاد تنهنجو، بندهء آل ـ عبا آهي
قبر آن جي جي ڪربل ۾ ڪٽائيندين تہ ڇا ٿيندو

Gul Hayat Institute

## جليل سروري پڙورو

ستايل کي اچا ويتر ستائيندين ته ڇا ٿيندو
اگوڻي درد کي جي ڪجهه وڌائيندين ته ڇا ٿيندو

١- خدا جي هن جهان ۾ مفلسي اڳهه ڪهڙي گهٽ آهي
اچا سرمايه دار! ان کي وڌائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- اجهو جن کي سواءِ آسمانی ڇت جي ٻيو ناهي
انهن کي مفلسي ۾ تون رلائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- ستم راني جي طرزن کي مٽائڻ کان سواءِ جي تون
"نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو"

٤- جليل آهي ڪواهڙو جو پڇي دولت جي ٻندي کان
غريبن جي دکي دل کي دکائيندين ته ڇا ٿيندو

## غوث محمد "غمدل" جکرو ڳڙهي ياسين

نوان نغما، نون سازن تي ڳائيندين ته ڇا ٿيندو
پراڻا ساز جي پنهنجا مٽائيندين ته ڇا ٿيندو

١- هو پنهنجي اصل کي هرگز مٽائي ڪين ڪي سگهندو
ڪٽي جي شير ٻڪرين ۾ نپائيندين ته ڇا ٿيندو

٢- غلامي جي حياتي کان، ته آزادي جو دم بهتر
اچي ٻڙ ۾ جي تون ڪوتل ڪڏائيندين ته ڇا ٿيندو

٣- اي غمدل! مال مڏيون گهوري ڇڏ پنهنجي وطن تان تون
وطن خاطر فقيري جامون پائيندين ته ڇا ٿيندو

Gul Hayat Institute

# "قطعۂ تاريخ"

## جناب سيد نياز علي شاه صاحب "محسن" ککڙائی


١- نثر ۽ اشعار جي هيرن جو وينجهر ڪير آهه؟
اي قلم ڏس، جامع - يڪتائي گوهر ڪير آهه؟
٢- ها! آهو مرد - مجاهد آهي "هالو" محترم!
سنڌي جو شيداءِ واحد آهي "هالو" محترم!
٣- جدت و ندرت، فصاحت ۽ بلاغت ختم ٿي
هن صحيفه جي جڏهن عمدي اشاعت ختم ٿي
٤- طالب المولي، عقيلي، احسن و آصف اديب!
هي گلستان - ادب جا چون ته چئجن عندليب!
٥- ٿا وٽن هن ۾ سڀئي حصو زياده ڪان وڏيڪ
تنهنڪري حاصل ڪبو ڪجهه استفاده ڪان وڌيڪ
٦- طرز - نو، اسلوب - نو، طرز - بيان آ لاجواب
الغرض علم - معاني جو ته ناهي احتساب!
٧- آهه ناز - بزم - طالب، حضرت - "هالو" اديب
جنهنکي آهي هن اشاعت جو ٿيو افخر نصيب
٨- سن اشاعت جو اي "محسن" هيئن چيو هاتف ميان
با دم - هالا چيو آ "ارمغان - شاعران"

١٩١٤ + ٤٤ = ١٩٥٨ع ٤٤

قطعۂ تاريخ لاءِ سيدي محسن جو شڪريو.
ساجد سرشاري

هي سوکڙي انٽرنيشنل پريس ڪراچي ۾ ڇپي، ۽ محمد جمن
صاحب هالي پڌري ڪئي.

Gul Hayat Institute



استاد الشعراء جناب حضرت الحاج الله بخش صاحب

سرشار عقیلی سروری صدر بزم طالب المولیٰ سند